فڪر ۾ ڪُٽي نہ آرزو گيت ۾ گونجي، جڳن جي گفتگو

روزاني

# فڪرِ سنڌ

پبليڪيشن

سکر / ڪراچي

چيف ايڊيٽر

رحمت الله پرڙو

03082206434

| | | | |
|---|---|---|---|
| جلد :01 | شمارو (95) | اڱارو 15 فيبروري 2022 ع بمطابق 13 رجب المرجب 1443ھ | قيمت: 10 رپيا |


## وفاقي محتسب پاران پوليس فائونڊيشن ۽ سي ڊي اي جي بدانتظامي ڪندڙ ملازمن خلاف ڪارروائي جو حڪم

### اسلام آباد جي سيڪٽر 11 اِي باري ڪميٽيءَ پنهنجي رپورٽ وفاقي محتسب اعليٰ کي پيش ڪئي

### جاڳايل سيڪٽر ۾ هنڌ هنڌ غير قانوني قبضا نذر اچي رهيا آهن سڙڪون ۽ رستا ٽوڙ ڦوڙ جو شڪار آهن: رپورٽ

### پوليس فائونڊيشن جي ناقص انتظام رهائشين لاءِ مشڪلات جو سبب آهي ڪارڪردگي بهتر ڪرڻ لاءِ طور اپاءَ وٺڻا پوندا

ڪراچي( رپورٽ:رحمت الله پرڙو) وفاقي محتسب اعلي پاران پوليس فائونڊيشن ۽ سي ڊي اي سربراهن کي بدانتظامي جي مرتڪب ملازمن خلاف سخت ڪارروائي جو حڪم. اسلام آباد جي سيڪٽر E..11 باري ڪميٽيءَ پنهنجي رپورٽ وفاقي محتسب اعلي کي پيش ڪئيان ڪان اڳ وفاقي محتسب اعلي اعجاز احمد قريشي E.11 سيڪٽر ۾ غير قانوني اسپيڊ بريڪر ۽ بين بنياد سهولتن جي فقدان خلاف ڪيل رهواسين جي شڪايتي درخواستن تي پاڻ مرادو نوٽيس وٺندي هڪ اعلي سطحي ڪميٽي تشڪيل ڏئي ان کي هڪ هفتي اندر رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم پڻ ڏنو انڪوائري ڪميٽيءَ پنهنجي رپورٽ وفاقي محتسب کي پيش ڪري ورتي آهي انڪوائري ڪميٽيءَ پنهنجي ڏنل رپورٽ اندر چيو تہ نيشنل پوليس فائونڊيشن ۽ سي ڊي اي وچ ۾ رابطن جي فقدان جي نشاندگي ڪندي ٻڌايو تہ جاڳايل سيڪٽر ۾ هنڌ هنڌ غير قانوني قبضا نذر اچي رهيا آهن سڙڪون ۽ رستا ٽوڙ ڦوڙ جو شڪار آهن برساتي نالن جوي صفائيءَ جو ڪو ئي بہ باقاعده بندوبست ناهي رپورٽ ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي تہ پوليس فائونڊيشن جي ناقص انتظام رهائشين لاءِ مشڪلات جو سبب پڻ آهي پوليس فائونڊيشن کي پنهنجي ناقص ڪارڪردگيءَ کي بهتر ڪرڻ لاءِ اعلي انتظامي سطح تي فوري طور اپاءَ وٺڻا پوندا ۽ جڏهن تہ سي ڊي اي کي پنهنجي ريگيولٽري ميڪنزم کي وڌيڪ بهتر ڪرڻ جي ضرورت پڻ آهي.